ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي_ انڊيا

# سنڌي ٻوليءَ جون وياڪرڻي خاصيتون ۽ ڳنڍيل ضمير

# GRAMMATICAL CHARACTERISTICS OF SINDHI LANGUAGE AND BOUND PRONOUNS


## Abstract

It is without saying that Sindhi language has earned a dominant as well as unique place amongst all the languages being spoken all over the Indo-Pakistan Sub-continent (which includes Bangladesh, Nepal, Tibet, Burma and Srilanka). Not because of Sindhi, being an ancient language of the world, but its grammatical structure is so unique and typical that it has attracted a great number of linguists around the world, who have widely praised very grammatical characteristics of this language.

Thus an attempt has been made is this article to highlight these characteristics in length besides discussing extensively on the bound pronouns. Moreover, view of the linguists, who have done research on Sindhi language, have been quoted in this article and various elements of the language like vowels, consonants and vocabulary have been made a part of it so as to define its characteristics in full length.


پارت – پاڪ اُپکنڊ (جنهن ۾ بنگلا ديش، نيپال، تبت، برما ۽ سريلنڪا بہ شامل آهن) اُنهيءَ ۾ جيڪي هاڻوڪيون ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون، تن ۾ سنڌي ٻوليءَ کي هڪ مکيہ ۽ نرالو درجو حاصل آهي. وياڪرڻي بيهڪ جي خيال کان سنڌيءَ ۾ اهڙيون خاصيتون ملن ٿيون، جن کي ڏسي پرڏيهي ڀاشاوگيانين جنسي ساراهہ جا ڍڪ ڀريا آهن. هن مضمون ۾ سنڌي ٻوليءَ جي مکيہ وياڪرڻي خاصيتن جو ٿوري ۾ بيان ڪري سنڌي ٻوليءَ ۾ ڳنڍيل ضميرن (ضمير متصل = Bound Pronouns) جي رچنا کي تفصيلوار سمجهايو ويو آهي.

ڪئپٽن جارج اسٽئڪ پنهنجي لکيل سنڌي ٻوليءَ جي گرامر (شايع ٿيل 1849ع) ۾ لکي ٿو ”مون کي وشواس آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جو اَڀياس ڀاشا وگيانن لاءِ ٻين ڪيترين ئي ڀارتيا ڀاشائن جي اَڀياس جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ دلچسپ ثابت ٿيندو. ضميرن ۽ اُنهن سان لاڳو حرف جر جي بدران لفظن ۾ پڇاڙين جو استعمال، ڪرمڻي

پريوگ جو پچاڙين ذريعي اظهار، ياوي پريوگ ۽ ٻٽين پريرڻارٿڪ ڪريائن جو استعمال ۽ ٻيون ڳالهيون جيڪي هن ڀاشا جي سکندڙ کي اڳتي وڌڻ تي معلوم ٿينديون. اِهي اهڙيون خوبيون آهن جيڪي سنڌي ٻوليءَ کي ٻين ڪيترين ئي ڀارتيا ٻولين جي ڀيٽ ۾ هڪ نرالي نزاڪت عطا ڪن ٿيون.(1)

سنڌي ٻوليءَ جي ٻئي پرڏيهي عالم ڊاڪٽر اَرنيسٽ ٽرمپ پنهنجي لکيل سنڌي گرامر جي مهاڳ ۾ لکيو آهي "سنڌي نج سنسڪرت سَٽ جي ٻولي آهي. جيڪڏهن اسين سنڌيءَ جي ڀيٽ سندس ڀينر ٻولين سان ڪريون ته اسان کي وياڪرڻ جي لحاظ کان سنڌيءَ کي اُنهن ۾ پهريون نمبر ڏيڻو پوندو. اڄ ڪالهه جي مراٺي، هندي، پنجابي ۽ بنگاليءَ جي ڀيٽ ۾ سنڌيءَ جو پراچين پراڪرت سان وڌيڪ ويجهو رشتو آهي. سنڌي ٻوليءَ وياڪرڻ جا ڪيترا ئي روپ پاڻ وٽ اڃا تائين قائم رکيا آهن جن کي ڏسي سندس ڀينر ٻوليون پلي ساڙس ريس ڪن."(2)

جنهن سنڌي ٻوليءَ جي پرڏيهي عالمن ايتري ساراهه ڪئي آهي، اُنهيءَ جون وياڪرڻي بيهڪ جي لحاظ کان مکيه خاصيتون هن ريت آهن: (1) سنڌي ٻوليءَ جي آوازي سرشتي ۾ ڏهه سُر (Vowels) ۽ ايڪيتاليهه وينجن (Consonant) صوتيا (Phonemes) آهن. ٻئي ڪنهن به هند – آريائي ٻوليءَ ۾ ايتري تعداد ۾ وينجن صوتيا نه ٿا ملن. اِنهيءَ جو سبب اِهو آهي جو هڪ طرف سنڌيءَ ۾ چار چوسٽا وينجن (Implosives) آهن ته ٻئي طرف عربي – فارسيءَ جي اثر ڪري چار گهڪيدار وينجن (Fricative consonants) خ غ ز ف/ آوازي سرشتي ۾ داخل ٿيا آهن.

**سُر:** (Vowels) اَ آ اِ اِي اُ اُو اي اَي او اَو

**وينجن:** (Consonants)

ڪ ک گ ڳ گهه ڱ

چ ڇ ج ڄ جهه ڃ

(1) "I am confident the Sindhi will to the philologist; prove a more interesting study than that of many of the other Indian dialects. The habit of affixing signs to words in lieu of pronouns and the prepositions governing them, the regular form of the passive voice, the use of impersonals, the reduplicated causal verbs and other points which the learner will mark as he proceeds, give to it beauties distinct from most Indian languages." Captain George Stack, A Grammar of the Sindhi language – Bombay 1849. (Introduction)

(2) The Sindhi is a pure sanskritical language…….. if we compare now the Sindhi with its sister tongues we must assign to it, in a grammatical point of view, the first place among them. It is much more closely related to the old Prakrit than the Marathi, Hindi, Panjabi and Bengali of our days, and it has preserved an exuberance of grammatical forms, for which all its sisters may well envy it. Dr. Ernest Trump – Grammar of the Sindhi Language – Leipzig -1872. Introduction.

ٽ ٺ ڊ ڏ ڍ ڻ

ت ٿ د — ڌ ن

پ ڦ ب ٻ ڀ م

ي ر ل و ڙ

ش س ھ

خ غ ز ف

اِهي سڀ صوتيا (Phonemes)آهن يعني سنڌي ٻوليءَ جي آوازي سرشتي ۾ لفظن جي معنيٰ ۾ تبديلي آڻڻ جي طاقت رکن ٿا. جيڪڏهن اِنهن جو صحيح اُچار نہ ڪبو تہ لفظن جي معنيٰ بدلجي ويندي. مثال طور:

گِلا - ڳِلا، گارو - ڳارو، ٻار - ڀار، ٻِلو - ڀِلو، جارو - ڄارو، جام - ڄام، دائي - ڊائي — ڏائي، پَڊ — پَد — پَڌ — پَڙ

**عربي — فارسي صوتيہ:**

ڪ — خ : ڪامي — خامي

گ — غ : گم — غم ، بيگم — بي غم

ج — ز : جاري — زاري ، جَر (جل ، پاڻي) زر (زيور)

ق — ف : قدا — فدا ، قُتي — فتي (فوتي)

**اَنوناسڪ وينجن:**

مڱي — مڃي — مڻي — مني — ممي

مڱ — مڃ - مڻ — مـن — مـم

ٻيءَ ڪنهن بہ هند — آريائي ٻوليءَ ۾/ ڱ/ ڃ/ ڄ/ صوتيا ٻن حرف علتن جي وچ ۾ استعمال نہ ٿيندا آهن.

سنڌيءَ ۾ گهڻا لفظ سُر (Vowel) ۾ پورا ٿين ٿا. ڀرت مُنيءَ پنهنجي لکيل گرنٿ ناٽيا شاستر (ٻيءَ عيسوي صديءَ جي آس پاس) ۾ ناٽڪ — ڪلا ۽ رنگ منچ (اسٽيج) جو تفصيلوار بيان ڪيو آهي. اُنهيءَ ۾ هو ناٽڪ لکندڙن کي هدايت ڪندي لکي ٿو "هماليہ، سنڌ ۽ سئوير علائقن ۾ جيڪي ماڻهو رهن ٿا اُنهن جي ٻوليءَ ۽ گفتگوءَ ۾ ناٽڪ لکندڙن کي (اُ) سُر ۾ ختم ٿيندڙ لفظن جو گهڻو استعمال ڪرڻ گهرجي" (1) ظاهر آهي تہ اِها هدايت هُن اِنهن ايراضين ۾ رهندڙن جي ٻوليءَ جو اَڀياس ڪرڻ بعد ئي ڪئي آهي. اُن دور ۾ هند — آريائي ٻوليون پراڪرت واريءَ منزل ۾ هيون. پراڪرت ۽ پوءِ اَپڀرنش واريءَ منزل ۾ بہ هند — آريائي ٻولين ۾

(1) हिमवत् - सिंधु - सौवीरान् ये जनाः समाश्रिताः।
उकारबहुलाम् तज्ज्ञः तेषु भाषां प्रयोजयेत्॥

سُر ۾ پورا ٿيندڙ لفظ گهٽي تعداد ۾ ملن ٿا. اُنهن ۾ بہ اُ ۽ او سُرن جي گهٽائي آهي. پُراڻي راجستاني، گجراتي، مراٺي ٻولين ۾ پڻ "اُ" پڇاڙيءَ وارا لفظ گهٽا ملن ٿا، جيڪي اُنهن ٻولين جي هاڻوڪي روپ ۾ بدلجي چڪا آهن پر اسان جي سنڌي هڪ اهڙي ٻولي آهي، جنهن پرت مُنيءَ واري زماني کان وٺي اُ ۽ او پڇاڙيءَ وارن لفظن کي پاڻ وٽ سانڍي رکيو آهي.

جيئن تہ: لکڻ، پڙهڻ، سمهڻ، ڳائڻ، وڄائڻ، اچڻ، وڃڻ، هٿُ، ڪنُ، نڪُ، چپُ، پيٽُ، واٽُ، ٻارُ، پُٽُ، رامُ، موهنُ، گوبندُ، پريمُ، نانڪُ، ڏانڊُ، سِڱُ،گهوڙو، ڪُتو، ٻلو، واڍو، ڪاڏو، پاسو، ڏونهون، ٽامو.

سنڌي ٻوليءَ ۾ سُر ۾ لفظن کي ختم ڪري اُچارڻ جي ايتري تہ گهڻي عادت آهي جو انگريزي، عربي، فارسي وغيرهہ ٻولين مان اُڌارا ورتل لفظ جيڪي سنڌيءَ ۾ جذب ٿي ويا آهن، اُنهن جو اُچار بہ اسين اَ، اِ، اُ مان ڪو ننڍو سُر آخر ۾ لڳائي اُچاريندا آهيون. جيئن:

اَ: زالَ، زبانَ، خبرَ، قطارَ، عادتَ، اسپتالَ، بئنڪَ، ترامَ، ٽرنڪَ

اِ: برساتِ، بارِشِ، ڪوشِشِ، بازارِ، نرسِ، اسٽيشن، ذاتِ، بَسِ

اُ: ڪاريگرُ، اوزارُ، جانورُ، ايمانُ، آسمانُ، ماسترُ، ڊاڪٽرُ، انجنيئرُ

لفظن جي آخر ۾ ڪو ننڍو سُر ملائي اُچار ڪرڻ جي عادت اسان جي سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻ جو هڪ بنيادي حصو بڻجي چُڪي آهي. اِن ڪري اِسمن جي جنس ۽ گردان جو دارومدار پڻ گهڻو ڪري اُنهيءَ جي آخري سُر تي آهي. مثال طور:

ماساتُ (مذڪر) ماساتِ (مونث) ماساتَ (حالت عام)

پـڦاتُ (مذڪر) پـڦاتِ (مونث) پـڦاتَ (حالت عام)

اڄ ڪالهہ سنڌ توڙي ڀارت ۾ ٻين ٻولين جي اثر سببان نوجوان پيڙهيءَ جي سنڌين جي اُچارن ۾ تيزيءَ سان تبديلي اچي رهي آهي. هُو ڳالهائڻ ۾ اڪثر لفظن جي آخر ۾ ايندڙ ننڍي سُر جو اُچار نہ ٿا ڪن.

**وياڪرڻي خاصيتون :**

(1) سنڌيءَ ۾ "اُ" پڇاڙيءَ وارن مذڪر اسمن جو عدد جمع ۾ روپ "اُ" کي هٽائي "اَ" پڇاڙي لڳائڻ سان ٺهبو آهي. جيئن تہ

پٽُ – پُٽَ (پٽَ + اَ) هٿُ – هٿَ (هٿَ + اَ)

اَ ۽ اُ پڇاڙيءَ وارن مونث اسمن ۾ آخري سُر کي هٽائي بنياد ۾ اُون پڇاڙي لڳائبي آهي. جيئن:

زالَ – زالون (زالَ + اون) وَٽُ – وَٽون (وٽَ + اون)

سنڌيءَ ۾ مٿي ماڻٽي ڏيکاريندڙ ڪجهہ اِسم اهڙا آهن، جن جو عدد جمع ۾

روپ اِنهيءَ قاعدي موجب نہ آهي. مثال طور

ٻيءُ – ٻيئُرُ، ياءُ - يائر

ماءُ = مائر – مائرون، ڀيڻ =ڀينر – ڀينرون

ڌيءُ =ڌيئر – ڌيئرون، نونهن نُونهر=نونهرون

عام طور سنڌي وياڪرڻ ۾ اِنهن روپن کي ٻي قاعدي ليکيو ويندو آهي پر تاريخي اوسر جي خيال کان اِهي روپ سنسڪرت ۽ پراڪرت ۾ ملندڙ اِنهن اسمن جي عدد جمع جي روپن مطابق ٺهيل آهن. سنسڪرت ۾ پِتر (پِتا) جو عدد جمع ۾ روپ آهي. پترهہ، پراتر (پراتا) جو عدد جمع ۾ روپ آهي پراتَرهہ. پراڪرت ۾ اِهي روپ بدلجي ٿيا آهن پِئرا ۽ پائرا. سنڌيءَ اِها آڳاٽا روپ ڪجهہ ڦير گهير سان پاڻ وٽ سنڀالي رکيا آهن. ان طرز تي ڀينر ۽ نونهر روپ پڻ سنڌيءَ ۾ ٺاهيا ويا آهن جيڪي ڪوڙي مناسبت(False Analogy) جا سهڻا مثال آهن.

(2) سنڌيءَ ۾ اسم جي گردان ۾ هاڻي جدا جدا حالتون اسم جي عام صورت پٺيان حرف جر(Postpositions) لڳائڻ سان ظاهر ڪبيون آهن. جيئن تہ ڳوٺ مان، ڳوٺن مان، ڳوٺن ۾ وغيرهہ پر اسان وٽ اسمن جا ڪجهہ اهڙا روپ بہ آهن جن ۾ اسم پٺيان پڇاڙي لڳائي ڪجهہ حالتون ظاهر ڪبيون آهن. مثال طور ڳوٺان، ڳوٺئون، ڳوٺِ، ٻارين ٻچين، هنڌين ماڳين وغيرهہ. اِهو نمونو آڳاٽين هند آريائي ٻولين (سنسڪرت، پراڪرت ۽ اَپڀرنش) وارو آهي، جن ۾ اسم جي پٺيان ڪا پڇاڙي لڳائي حالت کي ظاهر ڪبو آهي. جيئن تہ گوشناتِ (ڳوٺ مان) گوشني (ڳوٺ ۾) مُني – مُنِنا (مُنيءَ سان) مُنِهہ (مُنين سان) (پاليءَ ۾)

(3) هاڻوڪين هند– آريائي ٻولين ۾ ڪرمڻي پريوگ(Passive Voice) ۽ ڀاوي پريوگ (Impersonal voice)مکيہ فعل سان ٻيو مددگار فعل استعمال ڪري ٺاهيا ويندا آهن. هندي ۽ اُردو ٻولين جا مثال ڏسو!

چور پڪڙي گئي – دشمن ماري گئي (ڪرمڻي پريوگ)

اب تو مجهہ سي چلا نهين جاتا – (ڀاوي پريوگ)
اب يهان بيٺا جائي تو اچا

سنڌيءَ ۾ پڻ اِن طرح جا جملا ملن ٿا. مثال طور :

چور پڪڙيا ويا – دشمن ماريا ويا (ڪرمڻي پريوگ)

هاڻي تہ مون کان هليو نہ ٿو وڃي/ٿئي- (ڀاوي پريوگ)
هاڻي هتي ويٺو نہ ٿو وڃي/ٿئي-

پر سنڌيءَ ۾ اهڙن جملن سان گڏ اسين فعل جي بنياد ۾ ج يا اِج پڇاڙي گڏي پڻ اِهي پريوگ ڪتب آڻيندا آهيون. جيئن:

| | | |
|---|---|---|
| خـــط لـڪـــجـــي (لـڪـــ + اِج + اي) | → | (ڪرمڻي پريوگ) |
| ڪنهن کي بہ نہ مارجي (مار + اِج + اي) | → | |
| اج گهمڻ هلجي تہ سُنو (هل + اِج + اي) | → | (ڀاوي پريوگ) |
| گهٽو نہ ڊوڙجي (ڊوڙ + اِج + اي) | → | |

سنسڪرت ۾ بہ اِن ريت فعل جي بنياد ۾ - ي - جوڙي اِن قسم جا جملا ٺاهڻ جو رواج آهي. جيئن تہ لکيتي (لک + ي + تي) يعني لکجي ٿو. پنيتي (پٺ + ي + تي) پڙهجي ٿو. چليتي (چل + ي + تي) هلجي ٿو. سنسڪرت جي اِها 'ي' نشاني پراڪرت ۾ بدلجي 'ج' ٿي آهي جيڪا سنڌيءَ پاڻ وٽ سانڍي رکي آهي. هتي اِنهيءَ ڳالهہ جو ڌيان رکجي تہ فعل متعديءَ (Transitive) مان ڪرمڻي پريوگ ۽ فعل لازميءَ (Intransitive)مان ڀاوي پريوگ جا جملا ٺهندا آهن.

(4) سنڌيءَ ۾ اسم مفعول (Past participle)ٺاهڻ لاءِ فعل جي بنياد ۾ - ي - پڇاڙي گڏي پوءِ ضمير، عدد ۽ جنس ڏيکاريندڙ پڇاڙي جوڙبي آهي. مثال طور:

هُن خط لکيو (لک + ي + او)

هُن خط لکيا (لک + ي + آ)

هُو گهميو (گهم + ي + او)

اسان وٽ سنڌيءَ ۾ اٽڪل هڪ سئو اسم مفعول اهڙا آهن، جن جي رچنا اِنهيءَ قاعدي موجب نہ آهي. حقيقت ۾ ڏسجي تہ تاريخي لحاظ کان اُهي سنسڪرت، پراڪرت ۾ ملندڙ اسم مفعول جي رچنا موجب آهن جيڪي سنڌيءَ اُچار جي معمولي تبديلي ڪري پاڻ وٽ رکيا آهن. مثال طور:

| سنسڪرت | پراڪرت | سنڌي |
|---|---|---|
| تَپت | تتّت | تتو |
| گيات | جاڻئہ | جاتو |
| لبڌ | لدڌ | لَڌو |
| گهرشت | گهِٺّت | گٺو |
| پڳن | پڳّگ | پڳو |
| تُشّت | تُٺّت | تُٺو |

(5) **شبد – پنڊار** (Vocabulary)

شبد – پنڊار جي خيال کان سنڌي تمام شاهوڪار ٻولي آهي.

يارهن صدين (712 کان 1843ع) کان به وڌيڪ عرصو سنڌ ۾ مسلمانن جي حڪومت قائم هئي. اُنهيءَ دور ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ گهڻيئي عربي – فارسي لفظ داخل ٿيا. انگريزن جي حڪومت ۾ سنڌيءَ گهڻيئي انگريزي لفظ اپنايا آهن. هندستان جي آزاد ٿيڻ کان پوءِ سنڌ (پاڪستان) ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ اُردو، عربي ۽ فارسي لفظن جو واهپو تمام وڌي ويو آهي ته ٻئي طرف ڀارت ۾ وري هندي ۽ اُنهيءَ ذريعي سنسڪرت تتسم لفظن جو سنڌيءَ ۾ استعمال ڏينهون ڏينهن وڌندڙ آهي. اِنهن اُڌارن ورتل لفظن کي جيڪڏهن اسين الڳ ڪري سنڌيءَ جي بُنيادي ۽ نيٺ لُغت جاچيون ته معلوم ٿيندو ته اُن ۾ تَدڀوَ يعني سنسڪرت بنياد مان سنڌي اُچارن جي عادت موجب معمولي تبديليءَ موجب ورتي ۾ حاصل ڪيل لفظن جو تعداد جهجهو آهي. شاهه عبداللطيف رحه جي رسالي توڙي آڳاٽي سنڌي شعر ۾ اِن قسم جا لفظ تهائين وڌيڪ آهن، جن مان ڪيترا ئي لفظ هاڻوڪي سنڌيءَ ۾ واهپي مان نڪري ويا آهن. سنڌيءَ ۾ تدڀو لفظن جا ڪجهه مثال هتي ڏجن ٿا:

**هفتي جا ڏينهن:** سومر – سُومار (سنسڪرت – سوم وار) منگل رس (سنسڪرت – منگلوار) انگارو (سنسڪرت – انگارڪ وار) ٻُڌر (سن – ٻُڌ وار) وِسپتِ (سنسڪرت – ورهسپتوار) ٿارون – ٿانور (سنسڪرت – ٿستائو وار) شُڪر (سنسڪرت – شڪروار) ڇنڇر (سنسڪرت – شنشچر – شَنوار) آرتوار – آئتوار – آرتر – آڏِتوار (سنسڪرت – آدتيوار) (پراڪرت – آئچوار)

**مهينن جا نالا:** چيٽ – چيٽر (سنسڪرت – چئتر) ويساک (وئشاک) جيٺ (سنسڪرت – جيشٺ) آکاڙُ (سنسڪرت – آشاڍ) ساوَڻ (سنسڪرت – شراوڻ) ٻڏڙو – ٻڏو (سنسڪرت – ڀادر) اَسُو (سنسڪرت – آشون) ڪَتي (سنسڪرت – ڪارتِڪ) ناهري (سنسڪرت نواهار) پوهُ (سنسڪرت – پؤش) مانگهه (سنسڪرت – ماگهه) ڦڳڻ – ڦاڳُ (ڦالگن).

**سنڌيءَ ۾ ويدن جي سنسڪرت جا لفظ:**

جهُور (سن – جوريه) جورڻ (سن – جهونو) وارَ (سن – وارهه) ڳوڙهو (سن – گُورهه) سَدورو (سَدهه) آکيرو (آکره) اَٽاسو (سن – اناسه) مهراڻ (سن – مهوارڻ) ريوو (سن – ريوان) چولو (سن – چولهه يعني اعليٰ جُوءِ (سن- يوتِهه) سڏ (سن – شبد) وَلهو (سن – ولپ)

**شاهه جي رسالي مان ڪجهه تدڀوَ لفظ**

اوڙ – قطار (سن: آولي) رَئي (چمڪ – سن: رُچي) نِيَرَ (نگڊ) ڏاءُ (ڏاتو – سن – ڏاتو) لوءَ (جاءِ – سن: لوڪَ) نِيَه (رات – سن: نِشا) رائَرَ (ڊِل/ ٽيڪس – سن:

راجڪر) گهنگهر (جهڳڙو، سن: گهنگهل) لانچڻ (ڳولهڻ – سن: لانچ) چونهَ (چُهنب: سن – چنچ)

هاڻي اچو تہ سنڌيءَ ۾ گڏيل ضميرن (ضمير متصل= Bound Pronouns) جي استعمال تي تفصيلوار ويچار ڪريون.

**گڏيل ضمير = ضمير متصل** (Bound Pronouns)

گڏيل ضمير يا ضمير متصل (Bound Pronouns)جو استعمال سنڌي ٻوليءَ جي هڪ اهڙي نرالي خاصيت آهي، جيڪا پارت – پاڪ اُپکنڊ جي ٻين گهڻين ٻولين ۾ نظر نہ ٿي اچي. ڪشميري ٻولي جيڪا داردڪ ٻولين جي سٽ مان آهي، اُنهيءَ ۾ فعلن جي پٺيان پڇاڙين جي صورت ۾ ضميرن کي گڏي استعمال ڪيو ويجي ٿو. ساڳيءَ طرح لهندا (سرائڪي يا ملتاني) ۾ بہ اسمن ۽ فعلن سان پڇاڙين جي صورت ۾ گڏيل ضمير ڪتب اچن ٿا پر سنڌي ٻوليءَ ۾ اِنهن جو استعمال وڌيڪ وسيع آهي. سنڌيءَ ۾ گڏيل ضمير فعلن، اسمن ۽ حرف جر جي پٺيان پڇاڙيءَ جي صورت ۾ گڏي استعمال ڪبا آهن. مثال طور:

**فعل:** ماريُمِ = مون ماريو
ماريائِينس = هُن، هُن کي ماريو

**اسم:** پُٽسِ = هُن جو پُٽ
پُٽس کي سڏ ڪر = هُن جي پُٽ کي سڏ ڪر

**حرف جر:** کيس = هُن کي
کين = هُنن کي
سَندُسِ = هُن سندو/ هُن جو

سنڌيءَ ۾ لکيل سنڌي ٻوليءَ جا جيڪي وياڪرڻ ملن ٿا اُنهن ۾ سنڌي عالمن گڏيل ضميرن کي گهڻو ڪري ضميري پڇاڙيون (Pronominal suffixes) ڪري سڏيو آهي. ڪيپٽن جارج اسٽئڪ ۽ اَرنيسٽ ٽرمپ پڻ انگريزيءَ ۾ لکيل سنڌي ٻوليءَ جي گرامر ۾ اِنهيءَ نالي سان ئي ضميري پڇاڙيون سمجهايون آهن پر هُنن فعلن ۾ لڳندڙ گرداني پڇاڙين (In flexional suffixes) ۽ ضميري پڇاڙين جي وچ ۾ فرق رکيو آهي ۽ ٻنهي کي جدا بابن ۾ سمجهايو آهي. ٻئي طرف گريئرسن لينگئسٽڪ سروي آف انڊيا (جُلد -8 ڀاڱي پهرئين) ۾ سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻي بيهڪ سمجهائيندي فعلن جي گرداني پڇاڙين کي ضميري پڇاڙين جي سِري هيٺ گڏي بيان ڪيو آهي. اِنهيءَ ڪري ٻنهي جي وچ ۾ گهڻو مونجهارو پيدا ٿي پيو آهي.

پيرومل مهرچند آڏواڻيءَ گريئرسن جو نقل ڪري ساڳيءَ طرح فعل جون پڇاڙيون سري هيٺ فعل ۾ لڳندڙ گرداني پڇاڙيون ۽ ضميري پڇاڙيون گڏي سمجهايون آهن. (ڏسو وڏو سنڌي وياڪرڻ – انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سنڌ يونيورسٽي

ڄامشورو سنڌ – ڇاپو ٻيون ڊسمبر 1985ع باب سترهون صفحو 139). اِهو ئي طريقو ٻين گهڻن سنڌي وياڪرڻ لکندڙ عالمن به اختيار ڪيو آهي، جيڪو درست نه آهي. اِن ڪري فعل جي صرفي بيهڪ ۾ مونجهارو پيدا ٿيو آهي.

اسين جيڪڏهن باريڪيءَ سان جاچيون ته فعل جي صرفي بيهڪ ۾ گرداني پڇاڙين (Inflectional suffixes)۽ ضميري پڇاڙين (Pronominal suffixes) جي وچ ۾ گهڻو فرق آهي.

1- فعل ۾ گرداني پڇاڙيءَ جو لڳائڻ لازمي آهي. اِنهيءَ کان سواءِ فعل جملي ۾ ڪتب آڻي نه سگهبو. جيئن:

اَچان (اَچ + آن) اَچون (اَچ + اُون)

اچين (اچ + اِين) اچو (اچ + او)

اَچي (اَچ + اي) اَچن (اَچ + اَن)

هتي آن، اون، اِين، او، اي ۽ اَن ضمير ۽ عدد ڏيکاريندڙ گرداني پڇاڙيون (Inflectional suffixes) آهن پر ضميري پڇاڙيءَ(Pronominal suffixes) جو استعمال اسان جي مرضيءَ تي ڇڏيل آهي. جيئن:

اَچانءِ ٿو =مان تو وٽ اچان ٿو.

پلي اَچيسِ = هو پلي هُن وٽ اچي.

اَچُونَوَ ٿا = اسين توهان وٽ اچون ٿا.

هتي ءِ، سِ ۽ وَ ضميري پڇاڙيون آهن، جن جو استعمال لازمي نه آهي.

2- ضميري پڇاڙي گردان ۾ آيل فعل پنيان يعني گرداني پڇاڙيءَ پنيان لڳندي آهي. (اَچ + آن + اِ) اچ + اي + سِ) (اچ + اُون + وَ)

3- فعل ۾ لڳل گرداني پڇاڙيءَ جو جملي ۾ جنهن ضمير يا اسم سان سنبنڌ هوندو آهي، اُهو هميشه حالت فاعليءَ (Nominative case) ۾ هوندو آهي. جيئن:

مان اَچان، اسين اَچون، تون اَچين، توهين اَچو، هُو اَچي، هوءَ اَچي، هُو اَچن، ڇوڪرو اَچي، ڇوڪرا اَچن،

4- ضميري پڇاڙي جملي ۾ جنهن ضمير بدران ڪتب ايندي آهي، اُهو ضمير حالت عام (Oblique case) ۾ بيهي فعل جي ايجنٽ يا ڪم ڪندڙ طور استعمال ٿيندو آهي يا ڪنهن حرف جر سان گڏ ڪتب اچي حالت فاعليءَ کان سواءِ ٻيءَ ڪنهن حالت جي معنيٰ جو اظهار ڪندو آهي. مثال طور:

خط لکيُم = مون خط لکيو.

چٺي لکيَم = مون چٺي لکي.

ڪتابَ ڏنائينم = هُن مون کي ڪتاب ڏنا.

گڏ هلائو!   =توهان سان گڏ هلان!
شاباش هُجيوَ =   توهان کي شاباش هجي.
دوست آهيانءِ =  مان تنهنجو دوست آهيان.
سڀ ڪي اٿمر – مون وٽ سڀ ڪي آهي.
گهر ويا آهيوس؟ - توهين هن جي گهر ويا آهيو؟

5- گرداني پڇاڙيءَ وارا فعل ڪن زمانن ۾ جنس (Gender)جو تفاوت ظاهر ڪن ٿا. جيئن تہ هلندو (مذڪر) هلندِي (مونث) بيٺو (مذڪر) بيٺي (مونث) هلندُس (مذڪر) هلندَسِ (مونث).

ٻئي طرف ضميري پڇاڙي جنس جو فرق نہ ٿي ڏيکاري يا چئجي تہ ٻنهي جنسن لاءِ ساڳي هوندي آهي. مثال طور:

خط لکِينس =   هُن کي (مذڪر يا مونث) خط لکُ
چيائِين   =   هُنن کي چيائين

گرداني پڇاڙيءَ ۽ ضميري پڇاڙيءَ جي وچ ۾ متي ڄاڻايل فرق کي ڌيان ۾ رکندي منهنجي راءِ ۾ ضميري پڇاڙيءَ جي لاءِ گڏيل ضمير يا ضمير متصل اِصطلاح ڪتب آڻڻ بهتر آهي. ٻيءَ حالت ۾ ٻنهي جي وچ ۾ ايتري قدر غلط فهمي پيدا ٿئي ٿي جو خود گريئرسن، پيرومل مهرچند آڏواڻيءَ وغيرهہ جهڙا عالم بہ مُنجهي پيا آهن ۽ ٻنهي پڇاڙين کي گڏي هڪ ئي هنڌ بيان ڪيو اٿن.

فعل سان پڇاڙيءَ جي صورت ۾ لڳائي، گڏيل ضمير استعمال ڪرڻ جو سرشتو ايترو تہ پيچيدو آهي، جو خود سنڌي بہ ان ۾ اڪثر غلطيون ڪن ٿا. ٻين ٻولين وارا شاگرد جڏهن سنڌي ٻولي سکن ٿا، تڏهن اُهي اِنهيءَ سرشتي کي آسانيءَ سان سمجهي نہ ٿا سگهن. اِن ڪري هتي اَول فعل سان گڏيل ضمير جي استعمال کي سليس طريقي سان سمجهايو ويو آهي.

**فعل پٺيان گڏيل ضميرن جو استعمال:** (Bound Pronouns with verbs)

جملي ۾ فعل اُهو لفظ آهي جيڪو صيغي (Mood)۽ زمان(Tense) ۾ ڦري ٿو ۽ جنهن جي آخر ۾ ضمير (متڪلم(First Person = ، حاضر(Second Person) ، ضمير غائب (Third Person)، عدد واحد = (Singular) جمع (Plural) ۽ جنس - (مذڪر = Masculine )۽ مونث= Feminine) جو فرق ڏيکاريندڙ گرداني پڇاڙي لڳي ٿي.

فعل جو ننڍي ۾ ننڍو روپ اسان کي صيغي اَمر ۽ عدد واحد (Imperative Mood, Singular) ۾ ملندو آهي. جيئن:

لِکُ ( لک + اُ ) هَلُ ( هل + اُ) اَچُ (اَچ + اُ ) وَڃُ (وَڃ + اُ)
جهلِ (جهل + اِ ) ڪرِ (ڪر + اِ ) پِڙ (پڙ + اِ ) ڳاءِ (ڳا + اِ)

سنڌيءَ ۾ فعل جي آخر ۾ گرداني پڇاڙي لڳائڻ لازمي آهي پر ٻيون ڪجھ هند – آريائي ٻوليون اهڙيون آهن جن ۾ فعل امر واحد ۾ ڪنهن بہ گرداني پڇاڙي لڳائڻ کان سواءِ ڪتب ايندو آهي. مثال طور هنديءَ ۽ اُردو ٻولين ۾ اَمر واحد جا فعل ڏسو!

آ –(اَچُ) – جا – (وَڃُ)، کا – (کاءُ) – سو – (سُمهُہ) ڪر – (ڪرِ) – ڀاگ – (ڀڄُ) – ناچ -(نَچُ) – پڪڙ – (پڪڙِ)

امر واحد جي گرداني پڇاڙيءَ اڳيان فعل جي اَڻقريل اَصلوڪي روپ کي فعل جو ڌاتو (Verb root) سڏبو آهي، جيڪو هميشہ يَڪ – صرفيو (Monomorphic) هوندو آهي. ٻين لفظن ۾ چئجي تہ اُنهيءَ کي معنيٰ ڀريل ننڍين جزن ۾ ڀڃي نہ سگھبو آهي. جيڪڏهن ڀڃبو تہ فقط صوتيہ (Phonemes) ملندا جن کي ڪا بہ معنيٰ نہ آهي. هن کان اڳ ڏنل مثالن ۾ لک، هل، ڪر وغيره سڀ فعل ڌاتو آهن.

**فعل جو بنياد:** (Verb base/ stem)

فعل جو بنياد اُهو آهي جنهن ۾ گرداني پڇاڙي(Inflectional Suffix) لڳندي آهي. اُهو جيڪڏهن يڪ صرفيو آهي تہ فعل ڌاتوءَ جي برابر آهي پر جيڪڏهن فعل ڌاتوءَ مان اِشتقاقي پڇاڙيءَ (Derivational Suffix)يا اندروني تبديل Internal) (Change ذريعي ڦُٽي نڪتل آهي تہ پوءِ اُن کي فعل – بنياد سڏبو آهي. جيئن:

لِکاءِ –(لِکَ + آ + اِ )– لکاراءِ – (لکَ + آ + را + اِ )

اِنهن مثالن ۾ 'اِ' گرداني پڇاڙي آهي، جيڪا لکا فعل- بنياد ۾ لڳايل آهي. ساڳيءَ طرح لکاراءِ بہ فعل بنياد آهي جنهن ۾ آ ۽ را – اِ اشتقاقي پڇاڙيون لڳائي ٻٽو بلواسطہ (Double Causal) فعل ناهيو ويو آهي.

پر 'ڪڇڻ' مان 'ڪٽڻ'، 'مرڻ' مان 'مارڻ' مثالن ۾ ڪٽڻ ۽ مارڻ مصدر اندروني تبديل ذريعي ناهيل آهن. هاڻي چئبو تہ فعل – بُنياد ۾ هڪَ يا هڪُ کان وڌيڪ صرفيا ٿي سگهن ٿا.

سنڌيءَ ۾ فعل جو صرفي بيهڪ (Morphemic Construction)جي خيال کان وڏي ۾ وڏو روپ جاچجي تہ اُهو هن ريت آهي:

(خط) لکارايومانس (لک + آ + را + ي + او + مان + سِ)

لک: (فعل جو ڌاتو يا بنياد)

آ: (بلواسطا پهريون ڏيکاريندڙ اِشتقاقي پڇاڙي)

را: (بلواسطا ٻٽو ڏيکاريندڙ اِشتقاقي پڇاڙي)

ي: (زمان ماضي ڏيکاريندڙ اشتقاقي پڇاڙي)

او: (جنس مذڪر ۽ عدد واحد ڏيکاريندڙ اِشتقاقي پڇاڙي)

مان: (ضمير متڪلم، عدد واحد ڏيکاريندڙ / ۾ /گڏيل ضمير جو بدليل

روپ مان)

سِ _ (ضمير غائب، عدد واحد ڏيکاريندڙ ڳنڍيل ضمير)

هِن مثال مان ظاهر آهي تہ فعل ۾ گرداني پڇاڙيءَ کان پوءِ ڳنڍيل ضمير لڳائجي ٿو. فعل متعديءَ جي زمان ماضيءَ واري روپ ۾ بہ ڳنڍيل ضمير پڻ لڳي سگهن ٿا، جن ۾ پهريون ڪم جو ڪندڙ آهي ۽ ٻيون مفعول آهي. فعل جو مطلب آهي، مون ڪنهن کي چيئي اُن معرفت هُن ڏانهن خط لکايو.

**فعلن جا بہ مکيہ قسم**

فعلن جا بنيادي طور بہ مکيہ قسم آهن: هڪ فعل متعدي(Transitive Verbs) ۽ ٻيو فعل لازمي(Intransitive Verbs). صِيغي امر واحد(Imperative Singular) ۾ متعدي فعل جي بنياد پنيان/ اِ / پڇاڙي لڳندي آهي. جيئن تہ ڪَرِ (ڪر + اِ) جهلِ (جهل + اِ) ڳاءِ (ڳا + اِ) ٻئي طرف فعل لازميءَ جي بنياد پنيان صيغي اَمر واحد ۾ اُ پڇاڙي لڳندي آهي. جيئن تہ هلُ (هل + اُ) ڊوڙ (ڊوڙ + اُ) ٻيهُہ (ٻيهہ + اُ) جملي جي ٻيهڪ ۾ پورو مطلب ظاهر ڪرڻ لاءِ متعدي فعل کي مفعول (Object)جي ضرورت پوندي آهي. جيئن تہ ٻار راند ڪن ٿا. هِن جملي ۾ راند مفعول آهي. ٻئي طرف لازمي فعل جملي ۾ مفعول کان سواءِ پڻ پورو مطلب ظاهر ڪن ٿا. جيئن تہ ڇوڪرا ڊوڙن ٿا. نحوي ٻيهڪ جي خيال کان ڏسجي تہ ڪجهہ متعدي فعل اهڙا آهن، جيڪي صيغي امر واحد ۾ 'اُ' گرداني پڇاڙي ڪڻندا آهن.

مثال طور لکُ (لک + اُ) کاءُ (کا + اُ) ڏِسُ (ڏس + اُ)

متعدي فعل ۽ لازمي فعل جي سُڃاڻڻ جو آسان طريقو اِهو آهي تہ اَوهين زمان ماضيءَ ۾ فعل ڪتب آڻي ڏِسو! متعدي فعل جو فاعل هميشہ حالت عام (Oblique Case)۾ ڪتب ايندو آهي. ٻئي طرف لازمي فعل جو فاعل حالت فاعليءَ ۾ استعمال ٿيندو آهي. مثال طور:

**متعدي فعل:**

هُن لکيو – هُن ڪيو – هُن ڳاتو (فاعل حالت عام ۾ آهي) (Oblique Case)

**لازمي فعل:**

هُو هليو – هُو ڊوڙيو – هُو ٻيٺو (فاعل حالت فاعليءَ ۾ آهي)(Nominative Case)

جُدا جُدا زمانن ۾ فعل جي گردان جو دارومدار فعلن جي اِنهن ٻن قسمن تي آهي. اِن ڪري فعل متعديءَ ۽ فعل لازميءَ جي وچ ۾ فرق سڃاڻڻ کي گهڻي اهميت آهي.

**فعلن جي بنيادن جا قسم**

بنياد (Base) لاءِ ڪن ڀاشاوگيانين ٿُڙ(Stem) اِصطلاح ڪتب آندو آهي. اُن موجب فعل – بنياد(Verb _ base) کي فعل – ٿُڙ (Verb Stem)پڻ چئجي ٿو. "سنڌيءَ ۾ فعل – ٿُڙن جي بناوٽ" عنوان سان مون فعلن جي بنيادن يا ٿڙن تي تفصيلوار بحث

هڪ مقالي ۾ ڪيو آهي جيڪو سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ طرفان شايع ٿيندڙ تحقيقي مخزن مهراڻ جي سال 1979ع جي ٻئين نمبر پرچي ۾ شايع ٿيل آهي. اِن ڪري هتي اِن موضوع تي ٿوري ۾ بحث ڪجي ٿو.

صرفي بناوٽ جي خيال کان فعلن جي بنيادن کي ٻن مکيه ڪلاسن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. هڪ مفرد بنياد(Simple bases) ۽ ٻيو مشتق يا مرتب (Derived/Complex) بنياد. مشتق بنياد فعلن جي ٻين بنيادن مان يا غير فعلي بنيادن مان اِشتقاقي پڇاڙي لڳائڻ سان يا اَندروني تبديليءَ ذريعي ٺهندا آهن. اِنهن ٻنهي جا وري ٻه ٻه قسم آهن. اِها سموري رچنا چارٽ ۾ ڏيکاريل آهي.




مثـــال: مفرد بنياد – هل (هلي) ڪڇ (ڪڇي) لازمي بنياد.
لک (لکي) ڪر (ڪري) متعدي بنياد

**فعل بنياد مان مشتق بنياد –**

هلا (هلائي) ڪڇ>ڪڇ (ڪڇائي) متعدي بنياد، غير ڪردنتي
هل (هلائيندو) ڪڇ (ڪڇندو) ڪڇ (ڪڇائيندو) ڪردنتي

**غير فعلي بنياد مان مشتق**

ٺو (ٺوڪيندو) ٺت (ٺتڪندو) ڪردنتي
ٺو (ٺوڪي) ٺت (ٺتڪي) غير ڪردنتي

صرفي بناوٽ جي خيال کان فعلن جي بنيادن جا ڪُل 9 قسم آهن. هڪ بنياد مان ٻئي بنياد جي ناهڻ جو جيڪو طريقو آهي, اُهو چارٽ ۾ ڏيکاريو ويو آهي.




**سمجهاڻي**: (1) نام – ڏاتو Denominatives اُهي فعل – ڏاتو آهن، جيڪي اسم يا صفت ۾ اِشتقاقي پڇاڙي(Derivational suffix) لڳائي ٺاهيا ويا آهن. اِنهن سان فعل ڏاتو ٺاهڻ بعد ئي ضميري پڇاڙي لڳندي آهي. جيئن: ڦٽ – ڦٽ مان ڦٽڪڻ، چورُ مان چورائڻ، گهٽ مان گهٽجڻ، ڦوڪو مان ڦوڪڻ.

(2) **فعل ڏاتو يڪ صرفيہ**(Mono-morphemic) هوندا آهن. اِهي يا تہ لازمي متعدي هوندا آهن. جيئن هل– ڪج لازمي فعل ڏاتو آهن. لک متعدي فعل ڏاتو آهي. اِنهن ۾ اِشتقاقي پڇاڙي لڳائي مشتق فعل – بنياد ٺاهجن ٿا. جيئن تہ هلائي – لڪائي. (اِهي مشتق متعدي فعل – بنياد آهن. اِنهن ۾ 'را' لڳائڻ سان بلواسطا فعل – بنياد ٺاهجن ٿا. اِنهن سان هڪدم سڌي ضميري پڇاڙي لڳندي آهي.

(3) **فعل – ڏاتوءَ يا فعل – بنياد** ۾ 'اِج' پڇاڙي لڳائي مجهول فعل – بنياد (Passive bases) ٺاهجن ٿا. اِنهن سان بہ سڌيءَ طرح پڇاڙي لڳندي آهي. جيئن تہ ڦوڪجي، چورائجي، هلجي، لکجي، ڪٽجي.

(4) **ڪردنتي فعل – بنياد**(Participial verb bases) چئن قسمن جا آهن:

(الف) ورتمان ڪرتري ڪردنت / اسم حاليہ: (Participial Verb bases) هلندو، ماريندو.

(ب) ورتمان ڪرمڻي ڪردنت / اسم حاليہ مجهول( Present Active Participle) هلبو، ماربو.

(ٻ) ڀوت ڪردنت / اسم مفعول: (Past Passive Participle)هليو، ماريو، بيٺو، ڊوڙيو، لکيو.

(ڀ) ڀوشيا ڪردنت / اسم اِستقبال: (Future Participle)هلڻو، مارڻو، لکڻو، ويهڻو.

چارٽ ۾ ڏنل بنيادن جا مثال هن ريت آهن:

غير – فعلي بنيادن ۾ پڇاڙي لڳائي ٺاهيل فعل – بنياد

هتي غير – فعلي بنياد جو مطلب اُهو بنياد آهي، جيڪو اسم يا صفت آهي، جنهن مان فعل جو بنياد ٺاهيو ويو آهي. اهڙن فعلن کي نامر – ڌاتو (Denominatives)چئجي ٿو. جيئن ته ڦٽ ڦٽ (اسم) ڦٽڪي (فعل)، ٺِمر ٺمر (اسم) ٺمڪي (فعل)، ڪُر ڪُر (اسم) ڪُرڪي (فعل) گهٽ (صفت) گهٽجي (فعل)، ڪار (صفت) ڪاراٽجي (فعل)، چوڙُ (اسم) چورائي (فعل)، ڏَمر (اسم) ڏمرجي (فعل)

لازمي مفرد بنياد ← • هل – هلي، هلائي، هلارائي (بلواسطو)

هل مان ٺاهيل ٻيا بنياد ← • هلجي، هلائجي، هلارائجي (مجهول)

- هلندو، هلائيندو، هلارائيندو (ورتمان ڪرتري ڪردنت
(Present Active Participle=
- هلبو، هلائبو، هلارائبو (ورتمان ڪرمڻي ڪردنت=Passive Participle)
- هليو، هلايو، هلارايو (ڀوت ڪردنت =Past Passive Participle)
- هلڻو، هلائڻو، هلارائڻو (ڀوشيہ ڪردنت= (Future Active Participle)

متعدي مفرد بنياد (لکہ مان ٺاهيل ٻيا بنياد) ←
- لک – لکي، لکائي، لکارائي (بلواسطا)
- لکجي، لکائجي، لکارائجي (مجهول)
- لکندو، لکائيندو، لکارائيندو
(ورتمان ڪرتري ڪردنت =Present Active Participle)

- لکبو، لکائبو، لکارائبو (ورتمان ڪرمڻي ڪردنت
(Present Passive Participle =
- لکيو، لکايو، لکارايو (ڀوت ڪردنت = Past Passive Participle)
- لکڻو، لکائڻو، لکارائڻو (ڀوشيا ڪردنت Future Participle)

نوٽ: هتي مثالن ۾ ڏنل فعل ضمير غائب، عدد واحد ۽ جنس مذڪر ۾ ڏنل آهي.

**ضميري پڇاڙيون** (Present Suffixes)

فعل جي بنياد ۾ جڏهن ضميري پڇاڙيون لڳائجن ٿيون، تڏهن فعل جملي ۾ ڪتب اچي سگهي ٿو. اِنهن جي لڳائڻ ڪان پوءِ ئي فعل جدا جدا زمانن ۽ صِيغن ۾ ڦري ٿو. اِنهن کي گرداني پڇاڙيون(Inflectional Suffixes) پڻ سڏيو ويو آهي. ضميري پڇاڙيون شخصي ضمير(Personal Pronouns) ۽ عدد (Number) ڏيکاريندڙيون آهن. ڪن زمانن ۾ اُهي جنس(Gender) پڻ ڏيکارن ٿيون.

ضميري پڇاڙين جا ٻہ سيٽ آهن. پهريون سيٽ اُهو آهي، جيڪو جنس جو فرق نہ ٿو ڏيکاري. اِهو صِيغو اَمر، (Imperative Mood) صيغو امر نيازي (Polite Imperative Mood) ۽ زمان مضارع (Subjunctive) ۾ فعلن جي گردان لاءِ ڪتب ايندو آهي. ٻيو سيٽ زمان ماضيءَ(Past Tense) ۽ زمان مستقبل (Future Tense)جا فعل ٺاهڻ لاءِ فعل جي بنياد ۾ لڳائبو آهي.

سيٽ پهريون (الف) **صيغو امر**: (Imperative Mood)

| | عدد واحد | عدد جمع | عدد واحد | عدد جمع |
|---|---|---|---|---|
| ضمير حاضر (Second Person) | اِ | - يو | ڪرِ<br>مارِ | ڪريو(متعدي فعل)<br>ماريو(متعدي فعل) |
| | اُ | - او | هلُ<br>لِکُ | هلو(لازمي فعل)<br>لکو( متعدي فعل) |

سڀ لازمي فعل (Intransitive Verbs)صيغي امر ۾ اُ ۽ او پڇاڙيون ڪڍندا آهن. ٻئي طرف متعدي فعلن ۾ گهڻو ڪري اِ ۽ يو پڇاڙيون لڳنديون آهن، پر ڪجھ متعدي فعل اهڙا آهن جيڪي لازمي فعلن واريون پڇاڙيون ڪڍن ٿا.

(ب) **صيغو امر نيازي** (Polite Imperative)

| | عدد واحد | عدد جمع | عدد واحد | عدد جمع |
|---|---|---|---|---|
| ضمير حاضر (Second Person) | اِ ج، اِجانءِ | - اِجو | مارِج، مارجانءِ<br>هلج، هلجانءِ<br>لکج، لکجانءِ | مارجو<br>هلجو<br>لکجو |

ڪَرِ فعل جو روپ صيغي امر نيازيءَ ۾ بي قاعدي آهي. ڪَج، ڪجانءِ، ڪجو.

(ب) زمان مضارع (Subjunctive Mood)

| | عدد واحد | عدد جمع | عدد واحد | عدد جمع |
|---|---|---|---|---|
| ضمير متڪلم | آن | - اون | هلان | - هلون |
| ضمير حاضر | اين | - او | هلين | - هلو |
| ضمير غائب | اي | - اَن / - اِن | هلي | - هلن |

صيغي امر واحد ۾ جيڪي 'فعل' اُ پڇاڙي ڪٽڻ ٿا، اُنهن سان زمان مُضارع ۾ متي ڄاڻايل پڇاڙيون لڳن ٿيون پر جيڪي فعل 'اِ' پڇاڙي ڪٽڻ ٿا اُنهن سان زمان مضارع ۾ هيٺ ڄاڻايل پڇاڙيون لڳنديون آهن:

| | عدد واحد | عدد جمع | عدد واحد | عدد جمع |
|---|---|---|---|---|
| متڪلم | يان | - يون | ماريان | - ماريون |
| حاضر | اِين | - يو | مارِين | - ماريو |
| غائب | اي | - اِن / - اِين | ماري | - مارن / مارِين |

سيٽ ٻيون (الف) مذڪر فعل:

| | عدد واحد | عدد جمع | عدد واحد | عدد جمع |
|---|---|---|---|---|
| متڪلم | سِ | - سِين/ سون | هليُس | هلياسين / هلياسون |
| حاضر | اِين | - اَو/ آ | هليئن | - هليَءُ / هليا |
| غائب | او | - اون / - اِين | هلِيو | - هليا |

(ب) مونث فعل

| | عدد واحد | عدد جمع | عدد واحد | عدد جمع |
|---|---|---|---|---|
| متڪلم | سِ | - سِين/ سون | هليُس | هلياسين / هلياسون |

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| حاضر | اَن | - اون | هليِئَن | - هليون |
| غائب | اِي | - اون | هلِي | - هليون |

نوٽ: متعدي فعلن (Transitive verbs) سان جڏهن اِهي پڇاڙيون لڳن ٿيون تہ فعل ڪرمڻي پريوگ (Passive voice) جو مطلب ظاهر ڪن ٿا. جيئن تہ : ماريُس ( ماريو ويُس)، پڪڙيُس (پڪڙيو ويُس). سيٽ ٻئين جون پڇاڙيون پوت ڪردنت_ اسم مفعول (Past participle) ۾ لڳائڻ سان زمان ماضيءَ جو مطلب ظاهر ٿئي ٿو.

سيٽ ٻئين جون پڇاڙيون جڏهن ورتمان ڪرتري ڪردنت (Present Active Participle) ۾ لڳن ٿيون تہ فعل زمان مستقبل جي معنيٰ ڏين ٿا، جنهن ۾ فعل جنس جو فرق بہ ڏيکاريندو آهي.

| | مذڪر | هلڻ (لازمي فعل) | مؤنث |
|---|---|---|---|
| I. هلندُس | هلنداسين<br>هلنداسون | هلندَس<br>هلنديَس | هلنديونسين |
| II. هلندين | هلندؤ<br>هلندا | هلندِيئَن | هلنديون |
| III. هلندو | هلندا | هلندي | هلنديون |

| | مذڪر | مارڻ (متعدي فعل) | مؤنث |
|---|---|---|---|
| I. مارينُدس | ماريندا سين<br>ماريندا سون | مارينُدَس<br>ماريندِيَس | ماريندیونسين |
| II. مارِيندين | ماريندَؤ<br>ماريندا | مارِينديئَن | مارينديون |
| III. ماريندو | ماريندا | ماريندِي | مارينديون |

ورتمان ڪرمڻي ڪردنت (Present Passive Participle) ۾ جڏهن اِهي پڇاڙيون لڳن ٿيون تہ زمان مستقبل ۾ فعل متعدي(Transitive Verb) ڪرمڻي پريوگ جو مطلب ظاهر ڪري ٿو. جيئن تہ ماربُس، مارباسين، ماربين، ماربَئُو، ماربو، ماربا.

هلڻ (لازمي فعل) ۾ فقط ضمير غائب مذڪر وارو فعل جو روپ استعمال ٿيندو آهي، جيڪو ڀاوي پريوگ ۾ هوندو آهي. جيئن تہ:

1. اڄ گهمڻ هلبو؟ 2. گهڻو ڊوڙبو تہ ٿڪ ٿيندو.

سنڌيءَ ۾ فقط اِهي ٻه صيغه (صيغو اَمر ۽ صيغو امر نيازي) ۽ 3 زمان (زمان مُضارع، زمان ماضي ۽ زمان مستقبل) سادا يا بنيادي(Simple or radical) آهن جن ۾ فعل- بنياد ۾ ضميري پڇاڙيون لڳائي اُن جو گردان ٺهي ٿو.ٻيا سڀ زمان اِنهن ٽن زمانن ۾ مُکيه فعل جي پُٺيان معاون يا مددگار فعل(Auxiliary Verb) گڏي ٺاهيا ويندا آهن. هتي فقط جُدا جُدا زمانن ۾ ضمير غائب، عدد واحد ۽ جنس مذڪر ۾ فعل جو مثال ڏجي ٿو.

**مرڪب زمان**(Compound Tenses)

اِهي زمان مُکيه فعل پُٺيان مددگار فعل استعمال ڪرڻ سان ٺاهيا وڃن ٿا.

**زمان مضارع جي فعل پُٺيان مددگار فعل:**

(1) زمان حال (Present Tense): هلي ٿو.
(2) زمان حال استمراري (Present Continuous): هلي پيو.
(3) ماضي شرطي (Past Conditional): هلي هان.

**اسم مفعول يا زمان ماضيءَ جي فعل پٺيان مددگار فعل**

(4) زمان ماضي استمراري (Past Continuous): هليو پئي.
(5) (Past imminent) : هليو ٿي.
(6) زمان ماضي قريب (Present Perfect): هليو آهي.
(7) زمان ماضي بعيد (Past Perfect): هليو هئو.
(8) (Past Potential): هليو هُجي.
(9) زمان ماضي متشڪي (Past Presumptive): هليو هوندو.
(10) زمان ماضي قريب استمراري(Present Perfect): پئي هليو آهي.
(11) زمان ماضي بعيد استمراري(Past Perfect Continuous): پئي هليو هُئو.

**ورتمان ڪرتري ڪردنت (اسم حاليه) يا زمان مستقبل جي فعل پٺيان مددگار فعل**

(12) زمان مستقبل استمراري (Future Continuous): هلندو پيو.
(13) زمان حال مُدامي (Present Habitual): هلندو آهي.
(14) زمان ماضي مُدامي (Post Habitual): هلندو هو.
(15) (Present Potential): هلندو آهي
(16) زمان حال مُتشڪي (Present Presumptive): هلندو هوندو.

**پوشيه ڪردنت (اسم استقبال) جي فعل پُٺيان مددگار فعل:**

(17) (Future Obligatory): (هُن کي) هلڻو آهي.
(18) (Past Obligatory): (هُن کي) هلڻو هو.

(19) (Future Potential): (هُن ڪي) هلڻو هُجي.

(20) زمان مستقبل (Future Presumptive): (هُن ڪي) هلڻو هوندو.

(21) زمان ماضي شرطيہ: (Past Conditional Obligatory)(هُن ڪي) هلڻو هُجي ها.

ڪُل 26 : (پنج سادا زمان + ايڪيهہ مرڪب زمان – ڪُل ڇويهہ زمان)

سنڌيءَ ۾ فعل جي بُنياد ۾ ضميري پڇاڙيون لڳائڻ سان ۽ مُکيہ فعل پنيان مددگار فعل ڪتب آڻڻ سان جُدا جُدا زمان ڪيئن ٿا ٺهن؟ اِنهيءَ تي وِيچار ڪيو ويو آهي. هاڻي اچو تہ ڏسون تہ اِنهن فعلن پنيان گڏيل ضمير (Bound Pronouns) استعمال ڪرڻ جو ڪهڙو سرشتو آهي.

**شخصي ضمير** (Personal Pronouns)

| ضمير حالت فاعلي (Nominative case) | ضمير حالت عام (Oblique case) | گڏيل ضمير (پڇاڙيءَ جي صورت ۾ ) |
|---|---|---|
| I_ مان / آءٌ | مُون | م |
| اَسِين | اسان | اُون / سِين / سُون |
| II_ تُون | تو | اِ / اِي |
| توهين / اَوهين | توهان / اَوهان | وَ |
| III_ هُو، هوءَ | هُن | سِ، _ اِين |
| هيءُ، هيءَ | هِن | |
| هُو | هُنن | نِ ، _ اُون |
| هي | هِنن | |

نوٽ: (1) **ضمير غائب، عدد واحد ۽ عدد جمع جي پڇاڙين بابت ويا ڪرڻ** لکندڙن ۾ اختلاف نظر اچن ٿا. ڪئپٽن جارج اسٽئڪ گريئرسن ’اينءَ‘ ۽ ’اونءَ‘ جي جاءِ تي ’آئين‘ ۽ ’آئون‘ پڇاڙيون ڄاڻايون آهن. پيرومل مهرچند آڏواڻيءَ بہ وڏي سنڌي وياڪرڻ ۾ اِهي پڇاڙيون ڏيکاريون آهن پر اَرنيسٽ ٽرمپ پنهنجي لکيل سنڌي گرامر ۾ ’اِين‘ ۽ ’اُون‘ پڇاڙيون بيان ڪري ٿو. منهنجي وِيچار ۾ اَرنيسٽ ٽرمپ جو بيان دُرست آهي. هُن جي راءِ ۾ لکيو، ڏٺو، ڏنو وغيرهہ متعدي فعلن جي اسم مفعول جو آخري سُر اوءِ گڏيل ضمير اڳيان بدلجي ’آ‘ ٿئي ٿو. ’آ‘، ’اين‘، ’آئون‘. اِها سمجهاڻي ٺيڪ آهي. گڏيل ضمير گرداني پڇاڙيءَ بعد لڳندو آهي. جيڪڏهن ’آئين‘ ۽ ’آئون‘ پڇاڙيون ڪري لکبيون تہ پوءِ اُهي فعل جي بُنياد ۾ لڳائيون پونديون، جيڪو بيان دُرست نہ آهي. جيئن لکيہ + آئين / ڏِٺ + آئين /

ڏِنـ + آئين.

(2) **گڏيل ضمير** جڏهن **ضمير غائب** بدران ڪتب اچن ٿا تڏهن جنس (Gender)جو فرق نـ ٿا ڏيکارن. اُهي ويجهي يا پري واري ضمير لاءِ پڻ ساڳيا آهن. جيئن تـ چَئِينس= هُن کي / هِن کي چئـ. (هِن يا هُن ٻنهي جنسن ۾ ساڳيو آهي)

(3) **اين ۽ اون گڏيل ضمير** فقط **فعل متعديءَ** سان لڳندا آهن ۽ اسم مفعول (Past Passive Participle)مان نهيل زمانن ۾ استعمال ٿيندا آهن. جيئن تـ لکيائين= هُن لکيو / لکيائون= هُنن لکيو. اَهڙن فعلن جي پُٺيان ٻيو گڏيل ضمير پڻ لڳي سگهندو آهي، جيڪو مفعول جي معنيٰ جو اظهار ڪندو آهي.

خط لکيائِينس = هُن هُن کي خط لکيو.

خط لکيائُونِ =هُن هُنن کي خط لکيو.

خط لکيائِينم = هُن مون کي خط لکيو.

ڪتابَ ڏنائون =هُنن توهان کي ڪتابَ ڏنا.

(4) هتي جيڪي **گڏيل ضمير** ڏنا ويا آهن، تن جي مثال طور "اچي ٿو" فعل جو ڦيرو هيٺ ڏسو:

| | |
|---|---|
| اَچيمِ ٿو – (مون وٽ) اچي ٿو | اَچيئون ٿو – اسان وٽ اچي ٿو |
| اچيئي ٿو – تو وٽ اچي ٿو | اچيوَ ٿو – توهان وٽ اچي ٿو |
| اچيس ٿو – هُن وٽ اچي ٿو | اچِين ٿو – هُنن وٽ اَچي ٿو |

(5) **مرڪب زمانن** ۾ جتي مددگار فعل 'ٿو، پيو، ٿي، پئي، ها' آهن اُتي مکيہ فعل سان گڏيل ضمير لڳندو آهي پر جن زمانن ۾ مددگار فعل 'آهي، هئو، هجي، هوندو' آهي اُتي گڏيل ضمير انهيءَ مددگار فعل سان لڳائجي ٿو. جيئن تـ:

هلانءِ ٿو، هلانءِ پيو، هلانءِ ها، گڏ هليُئہ پئي، گڏ هليئہ ٿي، گڏ هليو اٿيئي (آهي جو روپ) گڏ هليو هوءِ، گڏ هليو هجيئي، گڏ هليو هوندءِ.

(6) **ضمير متڪلم ۽ ضمير حاضر** ۾ ساڳيو گڏيل ضمير فعل سان نـ لڳندو آهي. جيئن تـ آهيانمِ، آهينئہ روپ نـ ٺهندا پر ضمير غائب جي حالت ۾ اِها پابندي نـ آهي. جيئن تـ ڪالهہ ڪتاب ڏنائينس= ڪالهہ هُن هُن کي ڪتاب ڏنا. ڪالهہ انعام ڏنائونِ=ڪالهہ هُنن هُنن کي انعام ڏنا.

فعلن سان گڏيل ضميرن جو استعمال ايترو تـ پيچيدو آهي، جو فقط قاعدا جوڙڻ سان اُهو سمجهائي نـ سگهبو. اِن جي سمجهڻ جو بهتر طريقو آهي تـ جُدا جُدا زمانن ۾ گڏيل ضميرن سان فعلن جا گردان جاچجن.

## اسم سان گڏيل ضمير (Nouns with bound Pronouns)

اسمن سان گڏيل ضميرن جو استعمال هاڻوڪيءَ سنڌيءَ ۾ گهٽ قدر

گهڻجي ويو آهي. اِهي گهڻو ڪري رشتيداري ڏيکاريندڙ اسمن سان هاڻي ڪتب اچن ٿا. اُنهن ۾ پڻ فقط ضمير حاضر واحد ۽ ضمير غائب واحد جا گڏيل ضمير عام جام استعمال ٿين ٿا.

ڪجھ مثال ڏسو:

| | |
|---|---|
| ڏيرُم = منهنجو ڏير ، | سَهُرَمِ = منهنجو سَهرو |
| ڏيرَمِ چيو = | منهنجي ڏير چيو |
| ڏيراٽيَس ويني آهي = | هُن جي ڏيراٽي ويني آهي |
| پُٽس گهرِ وينو آهي = | هُن جو پُٽ گهر وينو آهي |
| پاڻس آفيس ويو آهي = | هُن جو پاءُ آفيس ويو آهي |

پاٽين، ماٽهين، پٽهين، جوٽهين، سَسُٽين (تُنهنجو پاءُ، تنهنجي ماءُ، تنهنجو پيءُ، تنهنجي جوءِ، تنهنجي سسُ) وغيرھ اسمن سان ڪتب آندل گڏيل ضمير غير – دستوري ۽ پنهنجپائيءَ واريءَ گفتگوءَ ۾ اڪثر استعمال ٿيندا آهن، جيڪي ڪڏهن ڪڏهن نفرت جو پڻ اظهار ڪندا آهن. اڄ ڪالھ نوجوان پيڙهيءَ جا ٻار تہ اهڙن لفظن کان واقف نہ آهن. مثال طور ڪنهن شخص ٻار کان پُڇيو "پٽهين گهر ۾ آهي؟" تہ هُن جواب ڏنو "هائو، پٽهين گهر ۾ وينو آهي."

هتي فعل سان لڳندڙ گڏيل ضميرن جو جيڪو چارٽ ڏنو ويو آهي اُهو اسمن سان پڻ لاڳو آهي. اُنهن مان اين، اون ۽ سين / سون (ضمير متڪلم عدد جمع) وارا گڏيل ضمير اِسمن سان نہ لڳندا آهن.

## حرف جر سان لڳندڙ گڏيل ضمير

(Bound Pronouns attached to postpositions)

حرف جر ٻن قسمن جا ٿيندا آهن هڪ اَٽڪِرندڙ ۽ ٻيا ڦرندڙ. ڪان، سان، منجھ، منجهان، وٽ، وٽان، ڏانهن، ڪي، اُتي، مٿي، مٿان، هيٺان. اِهي اهڙا اٽڪرندڙ (Declinable)حرف جر آهن، جن سان ضمير غائب (واحد ۽ جمع) وارا گڏيل ضمير ڪتب ايندا آهن. ضمير متڪلم ۽ ضمير حاضر جي بدران ڪتب ايندڙ گڏيل ضميرن جو استعمال هاڻي گهڻو ڪري نہ ٿو ٿئي.

**جهڙو ـ جهڙي، جيڏو ـ جيڏي حرف جر جنس جو فرق ڏيکارن ٿا.**

سَندو (جو) ۽ سندي (جي) حرف جر جو استعمال گڏيل ضميرن سان هاڻوڪي سنڌي ٻوليءَ ۾ پڻ گهڻي قدر ملي ٿو.

مثال: ڪان : ڪانئُنس (هُن ڪان)_ڪانئُن (هُنن ڪان)

سان : ساڻُسِ (هُن سان)_ساڻن (هنن سان)

منجھ : منجهنس (هُن منجھ)_منجَهن (هُنن منجھ)

منجهان : منجهانئُنس (هُن منجهان)_ منجهانئن (هُنن منجهان)
وٽ :      وٽس (هُن وٽ)_ وٽِنِ (هُنن وٽ)
وٽان :     وٽانئُنس (هُن وٽان)_ وٽانئُن (هُنن وٽان)
ڪي :      ڪيس (هُن ڪي)_ڪين (هُنن ڪي)
جهڙو :    جهڙُسِ (هُن جهڙو)_جهڙيَس (هُن جهڙي)
جيڏو :    جيڏُسِ (هُن جيڏو) جيڏيَس (هُن جيڏي)

**سَندو (جو) (جڏهن پُٽُ حالت فاعليءَ ۾ عدد واحد ۾ آهي)**

| | |
|---|---|
| سَندُم پُٽ =منهنجو پُٽُ | سَندُئون پُٽُ =اَسان جو پُٽ |
| سندُءِ پُٽ =تنهنجو پُٽُ | سَندُوَ پُٽُ =توهان جو پُٽ |
| سندُس پُٽُ =هُن جو پُٽُ | سندُن پُٽ =هُنن جو پُٽ |

**سَندا (جا) (جڏهن پُٽُ حالت فاعليءَ ۾ عدد جمع ۾ آهي)**

| | |
|---|---|
| سندَم پُٽَ =منهنجا پُٽَ | سَندَئون پُٽَ =اسان جا پُٽَ |
| سندَءِ پُٽَ =تنهنجا پُٽَ | سندَوَ پُٽَ =توهان جا پُٽَ |
| سندَس پُٽَ =هُن جا پُٽَ | سندَنِ پُٽَ =هُنن جا پُٽَ |

**سندي (جي) (جڏهن پُٽُ حالت عام ۾ عدد واحد ۾ آهي)**

| | |
|---|---|
| سندَمِ پُٽَ ڪي =منهنجي پٽ ڪي | سندَئون پٽ ڪي =اسان جي پٽ ڪي |
| سندَءِ پُٽ ڪي =تنهنجي پٽ ڪي | سندَوَ پٽ ڪي =توهان جي پٽ ڪي |
| سندس پٽ ڪي =هن جي پٽ ڪي | سندن پٽ ڪي =هُنن جي پٽ ڪي |

**سندَن (جي / جن) (جڏهن پٽ حالت عام ۾ عدد جمع ۾ آهي)**

| | |
|---|---|
| سندَنِم پُٽن ڪي =منهنجن پٽن ڪي | سندنِئون پٽن ڪي =اسان جي پٽن ڪي |
| سندنِءِ پُٽن ڪي =تنهنجن پٽن ڪي | سندنِوَ پٽن ڪي =توهان جي پٽن ڪي |
| سندنِسِ پٽن ڪي =هن جي پٽن ڪي | سندنِنِ پٽن ڪي =هنن جي پٽن ڪي |

**سندِي (جِي) (جڏهن ڏيءِ حالت فاعليءَ، حالت عام ۾ عدد واحد ۾ آهي)**

| | |
|---|---|
| سنديَم ڏيءَ = منهنجي ڏيءِ | سنديَئون ڏيءِ = اسان جي ڏيءَ |
| سنديَئہ ڏيءِ = تنهنجي ڏيءِ | سنديَوَ ڏيءِ = توهان جي ڏيءَ |
| سنديَس ڏيءِ = هُن جي ڏيءِ | سنديَن ڏيءِ = هنن جي ڏيءَ |

**سنديون (جُون) (جڏهن ڏيءُ حالت فاعليءَ ۽ عدد جمع ۾ آهي)**

| | |
|---|---|
| سنديُم ڏيئرون = منهنجون ڏيئرون | ـ ـ ـ ـ ـ ـ ـ ـ |
| سنديُئہ ڏيئرون = تنهنجون ڏيئرون | سنديُوَ ڏيئرون = توهان جون ڏيئرون |
| سنديُس ڏيئرون = هُن جون ڏيئرون | سنديُن ڏيئرون = هنن جون ڏيئرون |

**سندين (جي / جِن) (جڏهن ڏيءُ حالت عام ۽ عدد جمع ۾ آهي)**

| | |
|---|---|
| سنديُنِمِ ڏيئرن کي = منهنجن ڏيئرن کي | ـ ـ ـ ـ ـ ـ ـ ـ ـ |
| سنديُنِئہِ ڏيئرن کي = تنهنجن ڏيئرن کي | سنديُنِوَ ڏيئرن کي= توهان جي ڏيئرن کي |
| سنديُنِنِ ڏيئرن کي = هن جي ڏيئرن کي | سنديُنِنِ ڏيئرن کي = هنن جي ڏيئرن کي |

”سندو“ جو گردان ايترو تہ منجهائيندڙ آهي جو روزاني گفتگوءَ ۾ خود مادري زبان سنڌيءَ وارا پڻ اِنهيءَ ۾ غلطيون پيا ڪن. مون کي تہ مشهور اديبن جي لکڻين ۾ پڻ اِنهيءَ جو غلط استعمال نظر آيو آهي. جيئن تہ:

سَندَسِ = هُن جو، جو

سندَسِ وٽ = هُن جي وٽ

سندس وٽان = هُن جي وٽان

سندس کان = هن جي کان

سندس جي ڏيءُ = هن جي ڏيءُ

ساڳيءَ طرح روزاني ڳالھ ٻولھ ۾ مون گهڻيئي دفعا مردن جي واتان ٻڌو آهي ويندَم، چوندَم، ڪندَم. اِتي درست روپ آهي ويندُس، چوَندُس، ڪندُس. ممڪن آهي تہ گهڻين غلطين جو سبب لکاوٽ ۾ لفظن تي اعرابون (زير، زبر، پيش وغيرھ) نہ لڳائڻ آهي.

سنڌيءَ جي وياڪرڻ لکندڙن پرڏيهي ۽ ڏيهي عالمن اَڪثر اِها ڳالھ پئي دُهرائي آهي تہ سنڌيءَ ۾ گڏيل ضميرن جو استعمال عربي – فارسيءَ جي اثر سببان وجود ۾ آيو آهي. اِن ڪري سنڌي ٻولي عربي – فارسيءَ ۽ ڀارت جي ٻولين کي جڻ پاڻ ۾ ڳنڍيندڙ ٻولي آهي. سنسڪرت ۾ گڏيل ضميرن جي اِستعمال وارو سرشتو موجود نہ آهي، جتان هاڻوڪين ٻولين وراثت ۾ اِهو اَپنايو هجي.

جدا جدا ٻولين جا وياڪرڻ پڙهندي معلوم ٿيو تہ آڳاٽي مئٿلي ٻوليءَ ۾ اِهو سرشتو موجود هئو، جيڪو هاڻوڪي مئٿليءَ ۾ واهپي مان نڪري ويو آهي. آڳاٽي سنڌيءَ جي شعر ۾ پڻ ڏسون ٿا تہ گڏيل ضمير گهڻي قدر استعمال ڪيا ويا آهن، جن مان ڪيترا روپ هاڻوڪيءَ سنڌيءَ ۾ واهپي مان نڪري ويا آهن. سنٿالي، ڪڙيا وغيرھ جيڪي آسترو– ايشيائڪ سٽ جون ٻوليون آهن ۽ جن جا ڳالهائيندڙ گهڻو

ڪري آڳاٽن قبيلن جا ماڻهو آهن، اُنهن جي ٻولين ۾ گڏيل ضميرن جو استعمال عام جام ٿئي ٿو. قديم دور ۾ اهڙا قبيلا سنڌو ماٿر ۾ موجود هُئا. اِنهيءَ مان اِهو اَندازو لڳائڻ درست ٿو نظر اچي تہ مُئن جي دڙي ۾ جيڪا ٻولي اُن دور ۾ ڳالهائي ويندي هئي، اُن ۾ گڏيل ضميرن جي استعمال واريون خاصيتون موجود هيون. اُتان اُهي، لهندا، ڪشميري ۽ ٻين ٻولين ۾ ڦهليون آهن. اِن ڏِس ۾ وڌيڪ اَيپياس ۽ تحقيق جي ضرورت آهي.